حصو الف (گهڻ چونڊائي سوال)

سوال 1. هيٺين مان درست جواب چونڊي لکو.

1. سنڌ جي اهم سوکڙي ڪهڙي آهي.
   ٽوپي — شاهه عبداللطيف ڀٽائي — اجرڪ — انهن مان ڪو به نه
2. سنڌ جي ڪهڙي شاعر 14 صفر 1165 هجري تي وفات ڪئي.
   قادر بخش بيدل — ڀٽڪو — سيد ثابت علي شاهه — حمل خان لغاري
3. سن ـــ ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.
   (الف) 1828ع — 1837ع — 1843ع — 1847ع
4. اسلام ۾ ـــ کي خاص اهميت ڏنل آهي.
   سخاوت — اتحاد — جهاد — نماز
5. مولانا دين محمد وفائي ڪهڙي اسلامي مهيني ۾ وفات ڪئي.
   محرم — شوال — رمضان — انهن مان ڪو به نه
6. مائي خيري واري مسجد ڪهڙي شهر ۾ آهي.
   خداآباد — هالا — حيدرآباد — سعيد آباد
7. جنگ ، لفظ جي معني آهي.
   صلح — لڙائي — امن — محبت
8. پاڪ سڳورن صلي الله عليہ وسلم آخري خطبو ڪهڙي سواري تي چڙهي ڏنائون
   گهوڙي — اٺ — ڏاچيءَ — منبر
9. حضرت سلمان فارسي رضہ جي وقت ۾ ايران ۾ ڪهڙي مذهب جو زور هيو؟
   پارسي — زرتشت — عيسائي — يهودي
10. حضرت عمر رضي الله تعالي عنہ جي دور خلافت ۾ ڪهڙي صحابي کي مداين جو گورنر مقرر ڪيو ويو.
   حضرت زبير رضہ — حضرت سلمان فارسي رضہ — حضرت زبير رضہ — انهن مان ڪو به نه
11. امام جعفر صادق عليہ السلام وقت جا وڏا عالم ۽ ـــ هئا.
   سخي — امام — فقيهہ — انهن مان ڪو به نه
12. نظم "هاري" جو شاعر آهي.
   بردو سنڌي — عبدالڪريم گدائي — استاد بخاري — شاهه عبداللطيف رح
13. عربن " اجرڪ ۽ کي ڪهڙي نالي سان سڏيو آهي.
   احمر — ازرق — اسود — انهن مان ڪو به نه
14. سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ جا حاڪم ڪير هئا؟
   مغل — ٽالپر — سومرا — ڪلهوڙا
15. ڪتاب " مقدمت الصلوات " ڪنهن جي تصنيف آهي؟
   محمد هاشم ٺٽوي — مخدوم ابو الحسن
   مخدوم محمد زمان — مولانا دين محمد وفائي

حصو ب (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ. هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 4 مارڪون رکيل آهن.

سوال2. قائد اعظم رحہ شاگردن کي نصيحت ڪندي ڪهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي؟

سوال3. تنظيم ڇو ضروري آهي؟

سوال4. وادي مائي کي ڪهڙو شرط ٻڌايو؟

سوال5. جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

سوال6. اجرڪ ڪيترن مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي؟

سوال7. هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.
ٿوراڻتو — تڪرار — پڇاڙو — ونڊر

سوال8. نصر پور ڪهڙن هنرن جي ڪري مشهور هو؟

سوال9. شاعر هاري کي ڪهڙي دعا ڏوڪري!

سوال10. هيٺين لفظن جا ضد لکو.
ولادت — پڇاڙي — ڪوسو — انتها

سوال11. هيٺ ڏنل جملي کي درست ڪري لکو.
آهي. حقيقت . شڪر سو .آهي جو . خدا. اڄ . نہ

سوال12. ڪن ب چئن منن ماڻهن جي رشتن جا نالا لکو.

سوال13. ضمير متڪلم جي تعريف لکو

حصو ج (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ. هيٺين سوالن مان ڪن به 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 8 مارڪون رکيل آهن.

سوال14. هيٺين شعرن جي سمجهاڻي لکو.

(الف) رٺ جان ۽ دل سان خاڪساريءَ جي واٽ.
ترڙي هل جي تو کي بلندي گهر جي !

(ب) سڙي تون بين کي ڏئين ٿو سهائي،
رکيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي!

سوال 15. ڪنهن به هڪ تي مضمون لکو.
اسان جو اسڪول — ميرن جي دربار

سوال16. ڪنهن به هڪ شاعر تي نوٽ لکو.
محمد صديق مسافر — ڪشنچند عزيز

سوال17. ڪنهن به هڪ سبق جو حاصل مطلب لکو.
اجرڪ — حضرت سلمان فارسي رضي الله تعالي عنہ

سوال18. پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي پڪنڪ تي وڃڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو.

يا پنهنجي دوست کي خط لکي کيس پنهنجي ڳوٺ بابت معلومات ڏيو.